محمد يوسف جويو

# عِلم ڪُتب خانا سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم

# The meaning and connotation of words/terms related to library science

***Abstract:***

*Languages are a source of communication. They are also the foundation of the thoughts, feelings and mental creation of human beings. Language can be strengthened when a very rich vocabulary exists for the sack of knowledge, understanding, and articulation. Through strong vocabulary the language can be transformed into different book references. Such vocabulary can be found in dictionaries.*

*There are a number of languages which are being spoken all around the world, but among them all, there exists a language which is considered dominant all around the world. The language, which is being referred to, is the English language which is now supposed to be a global language, as it is understood everywhere.*

*A dictionary is a reference book containing the words of a language usually alphabetically arranged, with information on their forms, pronunciations, functions, meanings, etymologies, spellings and idiomatic uses. Most of this information cannot be found in other reference books. It is important to consider several advantages in the use of dictionaries.*

*There is a lot of material available in English dictionaries, rather than dictionaries of Sindhi or other local languages. However, such types of strong dictionaries are the demand of native speakers in their own languages.*

*In this article, the author tried to find out some new words along with usage in different books (Sindhi, Urdu & English) for better understanding in daily life through the help of spoken as well as written form in books regarding Library Science.*

ٻولي رابطي جي ذريعي هجڻ سان گڏ ماڻهن جي سوچن، خيالن ۽ ذهني تخليقن جي اظهار جو پڻ ذريعو آهي. گڏيل قومن جي اداري قومن جي مادري ٻولين جي اهميت کي وڌائيندي هر سال 21 فيبروريءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ قومن لاءِ ٻوليون نہ رڳو اظهار جو ذريعو آهن، پر انهن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي تهذيب تمدن ۽ تاريخ جي سڃاڻپ پڻ آهن. مادري ٻوليءَ واري سڃاڻپ ئي دنيا ۾ قومن کي الڳ حيثيت

سان نروار ڪيو ويندي آهي.

هڪڙيون ٻوليون فطري هونديون آهن. جيڪي قومن جي وجود جي اچڻ سان ئي جُڙنديون آهن ۽ پوءِ وقت، حالتن، ايجادن، تحقيق ۽ علمي ترقيءَ سان ان ٻوليءَ جي لفظن جي ذخيري (Corpus) ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح سان اها ٻولي پنهنجي وسعت وڌائيندي رهندي آهي. اهڙين فطري ٻولين مان اسان جي سنڌي ٻولي پڻ هڪ آهي.

ڪي ٻوليون وري سماجي ۽ سياسي اُٿل پُٿل سان وجود ۾ ايندڀون آهن يا وري ڪي حڪمران پنهنجي حڪومت يا حڪمراني قائم دائم رکڻ خاطر ڪي نيون ٻوليون جوڙيندا يا پيدا ڪندا آهن. جيئن هت ننڍي کنڊ ۾ اردو ٻولي اهڙي ئي اُٿل پُٿل ۽ اُن وقت جي سماجي ۽ سياسي حالتن آهر وجود ۾ آئي ۽ مختلف ايشيائي ٻولين کان اکر ۽ آواز وٺندي پنهنجي وسعت کي وڌايو آهي. اردوءَ کي لشڪري زبان به ڪوٺيو ويندو آهي. هن وقت اها ٻولي ننڍي کنڊ ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ٻولين تي جديد انداز سان علمي ڪم ٿيڻ شروع ٿيو. سڀ کان پهرين انگريز حڪومت جي ڪوشش سان ٻوليءَ جي الفابيٽ جُڙي راس ٿي ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا، وري پرنٽنگ پريس جي اچڻ سان اُهي ڇپجڻ ۽ عام ماڻهن تائين پهچڻ به شروع ٿي ويا.

ٻوليون تڏهن ئي طاقتور سمجهيون ويندڀون آهن جڏهن انهن وٽ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جو هڪ وسيع ذخيرو يعني corpus موجود هجي ٿو. اهو هر لحاظ کان، هر موضوع جي مناسبت کان ۽ هر نئين ايجاد يا نئين علم جي مناسبت سان هُن ۾ لفظ گهڙي ناهڻ يا متبادل لفظن جو موجود هجڻ يا وري انهن ٻين ٻولين جي لفظن کي پاڻ ۾ آڌي سادي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏڻ جي سگهه هجي. اهائي ٻوليءَ جي اصل ترقي ۽ واڌ ويجهه آهي. اهڙو ٻوليءَ جي لفظن جو گهڻي ۾ گهڻو ذخيرو اسان کي ان جي مختلف موضوعن تي ٺهيل ۽ جڙيل لغتن يا ڊڪشنرين مان ئي ملي سگهي ٿو. ڊاڪٽر رياضت برڙو لکي ٿو ته:

”ٻوليءَ ۾ معنائن، مفهومن ۽ سمجهاڻين جو ااظهار پڻ ضرورت موجب هڪ ۽ هڪ کان وڌيڪ لفظن وسيلي ڪجي ٿو. وقت گذرڻ سان، سماجي ڪار وَهنوار موجب هر لفظ جي هڪ الڳ تاريخ جڙي پوندي آهي. لفظ جي اها معنوي تاريخ پڻ تبديلين منجهان اهڙيءَ طرح گذري ٿي، جهڙيءَ طرح سماج تبديلين منجهان گذري ٿو يعني لفظن جون معنائون پڻ بدلجڻ جي عمل منجهان گذرنديون رهن ٿيون. ان

ڪري لفظ پاڻ به هڪ تاريخ آهن ۽ انهن جي معنيٰ ۾ به تاريخ سمايل آهي. ان ڪري، جڏهن به ڪنهن لفظ جو اڀياس ڪجي ٿو ته نه رڳو ان لفظ ۽ ان ۾ آيل تبديليءَ جي تاريخ جو اڀياس ٿئي ٿو پر لفظ سان ڳنڍيل معنائن ۽ معنائن ۾ آيل تبديلين جي تاريخ جو مطالعو به ٿئي ٿو."(1)

لغت کي انگريزيءَ ۾ ڊڪشنري (Dictionary) چئبو آهي. لغتون مختلف قسمن جو ٿين ٿيون، جيئن عام ڊڪشنري يا موضوع وار ڊڪشنريون جهڙوڪ علم حياتيات، طبعيات، ڪيميا، تجارت، تعميرات وغيره جون لغتون به ڇپيل آهن، جن مان اسان جا شاگرد توڙي استاد فائدو وٺي رهيا آهن. پر اهي اڪثر ڪري سڀ انگريزيءَ کان انگريزيءَ ۾ آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون لغتون ٿوريون بلڪ نه هجڻ جي برابر آهن. وري انهن مضمونن ۾ ته پيشوراڻي ڊگري رکندڙ مضمون جهڙوڪ انجنيئرنگ، فزيڪل هيلٿ ايجوڪيشن يا لائبرري سائنس جون ڊڪشنريون ته سنڌيءَ ۾ بنهه ڪونه آهن. پوءِ هاڻ اهڙي علمي تعمير ۽ سائنسي ڪم لاءِ اسان جي ادارن ۽ لاڳاپيل عالمن کي ضرورسوچڻ گهرجي ۽ ڪم به ڪرڻ گهرجي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، پاڪستان جي مينيجنگ ڊائريڪٽر محترمه امينه سيد لکي ٿي ته:

"دنيا ۾ انگريزي لغت جي شروعات سورهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙڪن سالن کان ٿئي ٿي. انگريزي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ سيموئل جانسن (1755ع) جو نالو چوٽيءَ تي آهي."(2)

سنڌي لغات بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

"سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سَئو سال اڳ، 18 صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو. خاص طرح انهيءَ لاءِ ته ٻاهرين ماڻهن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي، انهيءَ ڪري اهي لغتون 'انگريزيءَ مان سنڌي' يا 'سنڌيءَ مان انگريزيءَ' ۾ لکيو ويون. ڪئپٽن اسٽئڪ، پهريائين 'انگريزي - سنڌي لغات' 1849ع ۾ شايع ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس سنڌي - انگريزي لغات 1855ع ۾ ڇپي، جنهن ۾ سنڌي لفظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ انهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. غالباً ان بعد سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي 'جواهراللغات سنڌي اڪيچار' مرتب ڪئي."(3)

لغت هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن کي هر طبقي ۽ هر مڪتبهءِ فڪر جو

شاگرد، پنهنجي علمي سگهه کي وڌائڻ ۽ پنهنجي شعبي ۾ ماهر ٿيڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي يا پڙهندو آهي. جيئن ته لغتون جوڙڻ هڪ خاص فني ڪم آهي. اهڙيءَ طرح ڪتبخاني جي علم جي به هڪ الڳ لغت تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان کي مطالعي ۽ مشاهدي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪا به معياري لغت جوڙڻ لاءِ عام طور هيٺين نُڪتن تي عمل ڪيو ويندو آهي.

- لغت ۾ شامل ٿيندڙ لفظن جي، الف – ب وار يا Alphabetic ترتيب سان داخلا هوندي آهي.
- لفظن جي سجاڻپ يا لفظن جي تلفظ ۽ هِجي اعرابن سان هُئڻ گهرجي ۽ ان کانسواءِ انهن لفظن جي گرامر ۾ سجاڻپ يعني اهو لفظ اسم، صفت يا فعل آهي، وضاحت سان لکيو ويندو آهي.
- مفهوم ۾ لفظن جو استعمال بنهه مختصر ۽ ننڍين ننڍين جملن يا محاورن ۾ استعمال ڪري، انهن جِي سٺي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي.
- لفظن جا متبادل لفظ پڻ داخل ڪيا ويندا آهن.
- لفظن جا ضد (لفظ) به داخل ڪيا ويندا آهن.
- بيهڪ جون نشانيون يا ڪي خاص اشارتي نشانيون يا پيشوراڻي علم جي لکڻ ۾ استعمال ٿيندڙ نشانين کي پڻ لغت جي شروعات يا آخري صفحن ۾ وضاحت سان بيان ڪيو ويندو آهي.
- لغت ۾ مخفف ۽ سائنسي علامتون يا لفظن جو واضح استعمال ڪيو وڃي
- نقشن، گرافن، تصويرن کي يا ڪِن نالن / انگن جي ٽيبل وغيره جو پڻ استعمال واضح ۽ آسان فهم ۾ ڪيو ويندو آهي.
- لغت کي جوڙڻ وقت مختلف ڊڪشنريون ۽ ٻوليءَ جا ڪتاب حوالي طور لازمي سامهون هئڻ گهرجن ته جيئن ڪنهن به مونجهاري جي صورت ۾ ان کي بهتر طور سلجهائي سگهجي.
- لغت جنهن به زبان ۾ ترتيب ڏني وڃي ٿي، ان ۾ مقامي ٻوليءَ جي آسان لفظن جو انتخاب ڪيو وڃي ٿو.
- پيشوراڻي علمن ۾ جيڪي مروج لفظ آهن، انهن لفظن جو مناسب استعمال لازمي ڪيو وڃي ٿو.

’عِلم ڪُتب خانہ‘ سان لاڳاپيل اصطلاحن ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | AACR= Anglo-American Cataloging Rules | بين الاقوامي لائبررين جي لاءِ فهرست سازي (Cataloguing) جا قاعدا ۽ اصول<br>- نوٽ: هي قاعدا آمريڪن لائبرري ايسوسيئشن جا جوڙيل آهن |
| 2 | Abstract | اختصار، تَت، وِچور<br>ڪنهن ڪتاب جو خلاصو بيان ڪرڻ يا مختصر ڪري ٿورن لفظن ۾ اُن جو متن بيان ڪرڻ |
| 3 | Access | پهچ / حاصلات يا گهٽي معلومات تائين پهچ / رسائي / اَچ وڃ<br>-اهليت/ ڳولي لهڻ جي صلاحيت<br>-تصور جي گهرائيءَ تائين پهچ |
| 4 | Accession Register | ڪتابن جي داخلا جو رجسٽر<br>-داخلا جو رجسٽر<br>-پهچ/ ڪتاب ڪي پنهنجي اصل هنڌ تي پهچڻ جو رڪارڊ<br>-ڪنهن هنڌ يا منصب تي پهچڻ جو رڪارڊ |
| 5 | Accessory / Accessories | مددي يا سهڪاري شيءِ يا شيون/ مددگار / شريڪ / معاون<br>-ڪمپيوٽر سان لاڳاپيل مددي شيون يا پُرزا جهڙوڪ: ڪيمرا، مائيڪ وغيره<br>-وڌيڪ پر ضروري شيون |
| 6 | Acquisition | حاصلات جو عمل / حاصلات / حصولِ دستيابي<br>-لائبريريءَ لاءِ ڪتابن کي حاصل ڪرڻ جو طريقيڪار |
| 7 | Archives | رڪارڊ/ اعلان/دستاويز يا تاريخي رڪارڊ / نَوادرات |
| 8 | Bibliography | ڪتابيات / فهرست نگاري<br>-ڪتابن جي تعارفي فهرست جيڪا تحقيقي مضمون يا تحقيقي ڪتاب جي آخر ۾ حوالي طور ڏني ويندي آهي.<br>-ڪنهن بہ ليکڪ يا ڇپائيندڙ جي ڇپيل ڪتابن يا لکتن |

| | | |
|---|---|---|
| | | جو تفصيل ۽ ڇپجڻ جي تاريخ صفحا ۽ قيمت سميت ٻئي معلومات جي لسٽ |
| 9 | Bibliomania | ڪتابن جو شوقين، ڪتاب دوست<br>-ڪتاب گڏ ڪرڻ جو شوقين<br>-ڪتاب گڏ ڪرڻ جو خفت يا جُنون |
| 10 | Bibliopole | ڪتاب ڪپائيندڙ وڪرو ڪندڙ<br>-ڪتابَ وڪڻڻ وارو<br>-ناياب ڪتاب وڪڻڻ وارو |
| 11 | Big Book | وڏا ڪتاب / عام ڪتابن کان وڏا ڪتاب<br>-عام ماپ جي ڪتاب کان ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ وڏو ڪتاب (مثال، تصويري ڪهاڻين جو وڏو ڪتاب) |
| 12 | Book | ڪتابُ (جمع: ڪتابَ)<br>-هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ڪتاب ڪنهن خاص يا عام مختلف موضوعن تي لکيل يا ڇپيل، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ جلدن ۾ جڙيل / ٻڌل Bind ٿيل هجي.<br>-يونيسڪو طرفان 1964ع جي ٿيل ڪانفرنس ۾ ڪتاب لاءِ واضح ڪيو ويو ته " گهٽ ۾ گهٽ 49 صفحن تي لکيل يا ڇپيل، ڪچي جلد يا پڪي جلد ۾ ٻڌل/ جڙيل هجي تنهن کي ڪتاب چئجي ٿو."(9) |
| 13 | Book case | ڪتابن رکڻ جو خانو يا جارو/ ڪتاب دان/ ڪتابن جي الماري/ ڪٻٽ<br>-ڪتابن جي پيتي يا پرس نما ٿيلهو |
| 14 | Book Club | سستي اگهه ۾ وڪڻڻ وارو گروهه. سوسائٽي يا تنظيم. جماعت جنهن جي رڪنيت (Membership) پڻ ڪئي ويندي هجي. ڪتاب دوستي لاءِ جاکوڙيندڙ جيئن پاڪستان ۾ نيشنل بڪ ڪلب وغيره |
| 15 | Bookish | ڪتابن جو شوق رکندڙ / ڪتابن جو ديوانو |
| 16 | Book fair | ڪتابي ميلو / ميڙو |
| 17 | Book keeper | ڪتاب ڪاتو ڪاٿيندڙ / منشي / روزنامچو لکندڙ- رجسٽر رکندڙ |

| | | |
|---|---|---|
| 18 | Book louse | ڪتابن کي ٽُڪيندڙ جيت/ جُونءَ<br>ـ جيتُ جيڪو اُڏوهيءَ وانگي ڪتاب کي ڪائي چٽ ڪري |
| 19 | Book Mark | ڪپڙي جي سنهي پٽي جيڪا ڪتاب سان گڏ جلد ۾ چُهٽيل/ڳنڍيل هوندي آهي ۽ پڙهندڙ ان کي پنهنجي نشانيءَ طور استعمال ڪندو آهي.<br>ـ ڪنهن سخت ڪارڊ جي ڊگهي پٽي<br>ـ پني جي ٽڪري يا ڪپڙي جي پٽي/ ڏوري |
| 20 | Book review | ڪتاب جو جائزو يا تبصرو<br>ڪتاب کي پڙهي ان جو مثبت تعارف يا تنقيدي ۽ اصلاحي جائزو وٺڻ يا پيش ڪرڻ |
| 21 | Bookbinder | ڪتابن جو جلدساز<br>ـڪتاب جوڙيندڙ ـڪتابن جي مرمت يا جلد بندي ڪندڙ |
| 22 | Book end | ڪتابن جي قطار / ڪتابن جي صفبندي<br>ڪتاب اُڀا ۽ سڌا قطار ۾ رکيل |
| 23 | Book man | ڪتابي ماڻهو ادبي ماڻهو صاحبِ ڪتاب ، صاحبِ علم |
| 24 | Book seller | ڪُتب فروش<br>ـڪتاب ڪپائيندڙ<br>ـڪتابن جي وڪري جو ڪاروبار ڪندڙ |
| 25 | Bookworm | گهڻو مطالعو ڪندڙ |
| 26 | Borrow | عارضي طور ڪتاب ڪڻي واپس ڪرڻ |
| 26 | Calligraphy | ڪتابت: سٺن ۽ سهڻن اکرن سان لکڻ، خوشخطي، خوش نويسي، خطاطي<br>سهڻي طريقي سان لکڻ جو ڏنڌو ڪندڙ |
| 27 | Catalogue | ڪئٽلاگ: لائبريريءَ ۾ موجود ڪتابن جي ترتيب ڏنل فهرست<br>ـڪتابن ۽ ڪتابي مواد جي تفصيلي معلومات جو ڪارڊ جيڪو 3x5 انچن جو هوندو آهي (10)<br>ـلائبريريءَ ۾ پيل مواد جي فهرست |

| | | |
|---|---|---|
| 28 | Circulation Desk | ڪتاب ڏيڻ ۽ واپس وٺڻ جي ميز |
| 29 | Claim | مالڪيءَ جي دعوا ڪرڻ، حق جتائڻ، مالڪي ڏيکارڻ |
| 30 | Classification | درجي بندي<br>ڪتابن جِي موضوع وار ترتيب يا ورهاست |
| 31 | Commentator | مبصر. تبصرو ڪندڙ<br>۔تبصري نگار يا راءِ ڏيندڙ |
| 32 | Document | دستاويز۔ ڇپيل / اڻڇپيل مواد<br>اليڪٽرونڪ يا قلمي نقشہ وغيره |
| 33 | Edition | ڇاپو / اشاعت<br>۔پهريون ڀيرو يا ٻيو ڀيرو ڇپيل جيترا ڀيرا ڪتاب ڇپبو ان جو نمبر ڏيڻ |
| 34 | Emerge | نمودار يا نروار ٿيڻ، ڏيک ڏيڻ، انڪشاف ٿيڻ۔<br>علمي تحقيق ۾ ڪوج سبب نئين شيءِ يا ڄاڻ جو ظاهر ٿيڻ |
| 35 | End note | ڪتاب يا ڪتاب جي ڪنهن حصي جي آخر ۾ ڇپيل نوٽ<br>تحقيقي مضمون جي ڪنهن حصي جي آخر ۾ وضاحتي نوٽ |
| 36 | Enquiry | جاچ / پڇا ڳاڇا ڪرڻ / دريافت ڪرڻ، معلومات حاصل ڪرڻ |
| 37 | Excerpt | اقتباس<br>ڪتاب مان ڪو خاص ٽڪرو نقل ڪرڻ<br>ڪنهن مضمون جو جائزو وٺي پوءِ ان جو خاص ٽڪرو نقل ڪرڻ |
| 38 | Fiction | افسانوي ادب ( ناول، ڪهاڻين جا ڪتاب وغيره) |
| 39 | Finding list | چونڊ ڪيل فهرست يا اختصاري فهرست<br>ڪتابن جي چونڊ ڪيل فهرست يا خاص ۾ اهم موضوعن جي اختصار ٿيل فهرست |
| 40 | Fine | ڏَنڊُ / جرمانو / هرجاڻو<br>ڪتاب مقرر وقت تي لائبريريءَ ۾ جمع نہ ڪرڻ تي معمولي |

| | | |
|---|---|---|
| | | ڏنڊ ونڻ |
| 41 | First Indention | مصنفي لکت: ڪيٽالاگ ۾ پهرئين ليکڪ جي نالي واري داخلا |
| 42 | Fly leaf | اَستَرُ / جُلد سان چهٽيل خالي پتو پنو<br>جلد جي اندران ۽ ڪتاب جي پهرين ورق ۽ ڪتاب جي آخري ورق جي وچ ۾ پتو خالي پنو جنهن کي بائينڊگ وقت، ان جو هڪ پاسو جلد سان چنبڙايو ويندو آهي |
| 43 | Footnote | حاشيو<br>ڪتاب جي مواد متعلق حاشيي ۾ يا صفحي جي آخر ۾ وضاحت ۽ چٽائيءَ سان لکيل مواد |
| 44 | Foreword | مهاڳ / پيش لفظ / ديباچو / مقدمو |
| 45 | Gazetteer | گزيٽيئر: سرڪاري اعلان يا انتظامي حڪمنامن جو رسالو جيڪو سرڪار پاران جاري ٿيل هجي |
| 46 | Gift Book | تحفو ڪتاب بطور سوکڙي |
| 47 | Hardware | هارڊ ويئر: ڪمپيوٽر جي پرزن يا مختلف حصن کي هارڊ ويئر چئجي ٿو |
| 48 | ISBN = International Standard Book Number | ڪتاب جي عالمي معيار جو نمبر / نئشنل لائبريري مان جاري ٿيندڙ ڪتاب جو عالمي نمبر |
| 49 | ISSN = International Standard Serial Number | رسالي / تحقيقي جرنل لاءِ عالمي معيار جو نمبر / شمارو |
| 50 | Index | ڏَسٽي<br>ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل خاص اسمن جي فهرست جيڪا ڪتاب جي مواد ۾ آيل نالن، ماڳن ۽ تاريخي واقعن کي صفحن جي نمبرن سان ڏسي يا نشامبر ڪري ـ سُجهائي (11) |

| | | |
|---|---|---|
| 51 | Inter library Reference Service | ڪتبخانن جو پاڻ ۾ اندروني طور پڙهندڙ ۽ خاص طور محققن لاءِ حوالاجاتي تعاون ڪرڻ (اهو مختلف ڪتبخانن جي انتظاميا جي رضامنديءَ سان ممڪن ٿي سگهندو آهي) |
| 52 | Interlibrary loan | ڪتبخانن جو پاڻ ۾، ڪتابي مواد جو ڏيڻ ۽ وٺڻ<br>ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ڪتبخانن جو پاڻ ۾ 'ڪتاب ۽ ٻيو لائبرري مواد' جو ڏيڻ ۽ وٺڻ |
| 53 | Knowledge of library | ڪتب خاني جي ڄاڻ يا ڪتابداريءَ جو علم<br>لائبرريءَ جي متعلق ڄاڻ يا معلومات |
| 54 | Librarianship | ڪتابدار / ڪُتبدار<br>ڪتبخانا سنڀاليندڙ طور پيشو اختيار ڪرڻ |
| 55 | Library | لائبرري: ڪتبخانو / اپياس گهر / ڪتاب گهر<br>اهڙي جاءِ جتي ڪنهن خاص ترتيب سان رکيل ڪتاب ۽ پڙهڻ جو ٻيو مواد رکيل هجي، ۽ عام و خاص ماڻهن جي لاءِ مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ جي جاءِ يا ماڳُ |
| 56 | Library Advisory Committee | لائبرري مشاورتي ڪميٽي (لائبرري جي ترقي لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي) |
| 57 | Manual book | هدايتن جو ڪتاب / ننڍو ڪتاب<br>هنر سکڻ لاءِ هدايتن جو ڪتاب |
| 58 | Manuscript | قلمي نسخو<br>هٿ سان لکيل ڪتاب — هٿ سان لکيل ناياب ڪتاب |
| 59 | MLISc= Master of Library and Information Science | لائبرري سائنس ۾ ماسٽر ڊگريءَ جو نالو |
| 60 | Monograph | مونوگراف: ڪنهن موضوع تي لکيل تحقيقي مضمون يا مقالو<br>_ تعليمي ڊگريءَ لاءِ لکيل موضوعي تحرير |

| | | |
|---|---|---|
| 61 | Newspaper | اخبار: روزانو يا هفتيوار نڪرندڙ<br>اخبار، خبر جو جمع آهي. ڪنهن وڏي پني تي روزانو مختلف خبرون لکي ڪري يا ڇاپي پڌري ڪئي وڃي.<br>جديد دوءِ ۾ ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ جي ذريعي پڻ اخبار آن لائن ٿئي ٿي تنهن کي اِي نيوزپيپر چئبو آهي |
| 62 | Non-Book material | غير ڪتابي مواد: جيئن رڪارڊ، ڪيسٽ، سِي ڊِي ۽ ڊِي وِي ڊِي، نقشا، فليش ڪارڊ، مائڪروفش ۽ فلم، آڊيو وڊيوز وغيره |
| 63 | Notation | نشاني، علامت |
| 64 | OPAC= On line Public Access Catalogue | آن لائن ڪتابن جي فهرست يا ڪيٽالاگ |
| 65 | Over view | مٿاڇرو جائزو، مختصر جائزو |
| 66 | P.L.A= Pakistan Library Association | پاڪستان لائبرري ايسوسيئشن<br>پاڪستان ۾ لائبررين جي تنظيم: هن جي هر صوبي ۾ هڪ شاخ قائم آهي. |
| 67 | Pamphlet | پمفليٽ: ڪجهه ڇپيل صفحا يا پنا |
| 68 | Paper | ڪاغذ: پنو يا ڪاڳر / مقالو / امتحاني پرچو |
| 69 | Paperback | سادو سستو<br>_ عوام لاءِ سستي طباعت |
| 70 | Papyrus | پئپيرس: پني جو هڪ قسم<br>_پئپيريس مصر جي درياهن دجلہ ۽ فرات ۾ هڪ ٻوٽي جو نالو آهي.<br>_ پيپريس ٻوٽي جي ڏگهن پنن کي سُڪائي ۽ ڪُٽي سنهو ڪري لکڻ لاءِ استعمال ڪبو هو. ۽ ان کي گول رول جي صورت ۾ ويڙهي رکي ڇڏبو هو. اهڙا پيپريس رول اڄ بہ برٽش لائبرري، لائبرري آف ڪانگريس ۾ موجود پيا آهن.<br>_.پئپيريس لفظ مان ئي پيپر لفظ نڪتو آهي. جنهن جي |

| | | |
|---|---|---|
| | | معنيٰ ڪاڳر يا پنو آهي. (12) |
| 71 | Paragraph | پيراگراف: ڪنهن مضمون يا ڪتاب مان چونڊيل ٽڪرو |
| 72 | Pictograph | تصويري علامت |
| 73 | Rare Book | _ ناياب ڪتاب: جنهن ڪتاب جا ڇاپا اڻلڀ هجن يا پراڻا ڪتاب جيڪي بلڪل ختم ٿي چڪا هجن<br>_ مخطوطا جنهن جو هڪ ئي نسخو هجي ۽ ٻيا نسخا اڻلڀ هجن |
| 74 | Reader | ڪتاب پڙهندڙ يا پڙهي ٻڌائيندڙ<br>_ عدالت ۾ قانون جا ڪتاب يا ٻيو مواد پڙهي حوالا ڪيدي جج صاحب کي ٻڌائيندڙ<br>_ مائڪرو فلم جي ڪنهن بہ مضمون يا لکت کي وڏو ڪري پڙهڻ جي لائق بنائيندڙ مشن |
| 75 | Reading habits | پڙهڻ جي عادت |
| 76 | Reading room | پڙهڻ وارو ڪمرو |
| 77 | Review | نظرثاني، جائزو |
| 78 | Rough paper | عارضي طور لکڻ لاءِ استعمال جو پنو |
| 79 | School | اسڪول: مڪتب / درسگاهہ |
| 80 | Script | مسودو يا لکت<br>_ هٿ جو لکيل يا ٽائپ ٿيل پنن جو دستو<br>_ هٿ سان لکيل پراڻو مواد |
| 81 | Seminar library | تعليمي اداري ۾ موضوعي ڪتبخانو<br>_ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ يا ڪنهن تعليم جي اداري ۾ ڪنهن هڪ مضمون متعلق گڏ ڪيل ڪتاب جيڪي هڪ وڏي ڪمري ۾ لائبرريءَ جي اصولن مطابق مرتب ٿيل هجن |
| 82 | Stone tablet | ڪتبو<br>_ قبر يا ڪنهن خاص جاءِ تي لکيل مواد _ مٽي يا پٿر تي لکيل عبارت |

| | | |
|---|---|---|
| 83 | Tablet | ڦرهي / سليٽ / مٽيءَ جي تختي / پٿي ڪاٺ جي مٽيءَ جي پڪل تختي جنهن تي ڪجهہ لکيل يا لکجي هجي |
| 84 | Terminology | اصطلاح : اصطلاحن جو اڀياس<br>ـ ڪنهن خاص علم، ڪم يا شعبي جي ڪاروهنوار ۾ استعمال ٿيندڙ خاص لفظ<br>ـ مختلف شعبن يا ڌنڌن لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جا خاص لفظ |
| 85 | Thesis | مقالو: تسلسل سان لکيل هڪ خاص عنوان تي طويل تحقيقي مضمون<br>ـ اعليٰ تعليمي ڊگريءَ لاءِ لکيل مقالو |
| 86 | Writ | حڪم نامو ـ تحريري هدايت<br>ڪورٽ جو حڪم نامو |
| 87 | Writable | لکڻ لائق ، تحرير ڪرڻ جوڳو<br>ـ لکڻ جي لاءِ مناسب |
| 88 | Write | تحرير يا اکرن جهڙا چِٽَ ٺاهيندڙ |
| 89 | Write off | ڪيڍي ڇڏڻ |
| 90 | Write out | مڪمل لکڻ / تفصيل سان لکي ڇڏڻ |
| 91 | Writer | ليکڪ ، مصنف<br>ڪتاب يا مقالا لکڻ وارو |
| 92 | Write up | ليک، تحرير ڪيل، لکت کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ |
| 93 | Writing | تحرير، لکڻي |
| 94 | Written | لکيل، لکت ۾ آيل ـ لکي ڇڏڻ |

’عِلم ڪُتب‘ خانا سان لاڳاپيل لفظن ۾ اصطلاحن جون ڏنل معنائون ۽ مفهوم، آڪسفورڊ ڊڪشنري، ڊڪشنري آف لائبرري سائنس، ڊڪشنري آف سائنس اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمس، جامع سنڌي لغات جلد 1 کان 5 ۽ ڪشاف اصطلاحات ڪتب خانہ ۾ بيبن اهم لاڳاپيل ڪتابن/لغتن کي سامهون رکي مدد ورتي ويئي آهي. هيٺ حوالاجاتي فهرست ۾ ترتيب سان تفصيل ڏنل آهي.

**نتيجو:**

موجوده جديد دور ۾ فقط سائنسي انداز سان تعليم ۽ ڄاڻ جا ذريعا پيدا ڪري، ڪنهن بہ ملڪ، قوم کي تعليمي توڙي معاشي طور ترقي ڏياري سگهجي ٿي. اها اٽل حقيقت آهي تہ انسان پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ئي وڌيڪ آسانيءَ سان سوچي، سمجهي ۽ اظهار ڪري سگهندو آهي. جنهن لاءِ اُن وٽ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جو چڱو خاصو ذخيرو لازمي هجڻ گهرجي، ۽ اهو لفظن جو پنڊار ئي مختلف علمن جون لغتون جوڙڻ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. خاص طور مختلف علمن جي ماهرن لاءِ تہ انتهائي ضروري آهي تہ اُهي پنهنجي مهارت واري موضوع جي چڱيءَ طرح پروڙ ڪري، نئين نسل جي رهنمائي لاءِ نوان ڪتاب ۽ لغتون تيار ڪن. سنڌيءَ ۾ ٻين موضوعاتي لغتن سان گڏ 'علم ڪتب خانہ' جي موضوع تي لغت پڻ تيار ٿيڻ گهرجي.

## حوالا:


.1 ٻرڙو رياضت: لغت، ڪوش، لغت نامہ فرهنگ ۽ قاموس اصطلاحن جو تقابلي جائزو مقالو: سنڌي ٻولي؛ تحقيقي جرنل. حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. جون 2019ع، ص 23_22.

2. Sayed, Amina, 'Oxford English Sindhi Dictionary', Karachi, 2010. p vii

.3 بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1960ع. مهاڳ، ص الف

4. Chopra, RN, 'Dictionary of Library Science', Anmol Publication, New Delhi, 1992.

5. Sayed, Amina, 'Oxford English Sindhi Dictionary', Karachi, 1995.

6. Kazi, M. A. Dr, 'Dictionary of Scientific and Technical Terms', English to Sindhi.

.7 بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1 کان 5، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع.

.8 محمودالحسن، زمرد محمود، 'ڪشاف اصطلاحاتِ ڪتبخانہ' (اردو)، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 1985ع.

9. Dad, Haji, 'A Guide to Library & Information Science', Poorab Academy Publisher, Lahore, 2006. p 08

10. Kumar, Krishan, 'An Introduction to AACR2', Vikas Publishing House Pvt Ltd, New Delhi. 1986. p.09

.11 همايوني، نياز حسين، حڪيم، 'سنڌ جي طبي تاريخ'، ص 476، ڀاڱو 1، سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄامشورو 1976ع.

.12 پٽي، دوست محمد، 'پئپيرس کان پيپربيڪ تائين'، ص 17-20، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، 1992ع.

.13 بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع.